هاري هلچل

قادر بخش نظاماڻي.

قيمت ٽڪو

مهاڳ

هيءَ چوپڙي هاري ڪم ڪندڙ رفيقن ۾ هاري ڪاميٽيءَ جي خواهش موجب ”هاري هلچل“ بابت ڪجهه ضروري روشني وجهڻ لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. ڪيتريون ئي ڳالهيون جڳهه جي تنگيءَ ڪري رهجي ويون آهن. فقط بلڪل ضروري ڳالهين کي جاءِ ڏني وئي آهي.

فوٽو ۽ ڪيترائي ٻيا به فوٽا اچي سگهن ها پر ڪن ڳالهين سبب ڪري لاچار فقط انهيءَ تي ئي اڪتفا ڪئي وئي آهي. جي هاري هلچل جا ٻه رخ، نقشن ۾ ڀرپور پيش ڪن ٿا.

ڪم ڪندڙ رفيقن جي خواهش ۾ مدد شامل رهي، ته هارين ۽ مزدورن جي ڪيترن ٻين جي جنگي اصولن کي هٿن ڏوڪڙن جي رستي سان جي پڙهندڙن جي پيش ڪبو.

٣٠ جولاءِ ١٩٣٩
ڪراچي

ق - ن

” هاري هل چل “

ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻي جي هيءَ مختصر چوپڙي هاري هلچل جي بنيادي اصولن جي سمجهاڻي پيش ڪري ٿي. سنڌ جي هاري هل چل ۾ دلچسپي وٺندڙ ۽ خاص ڪري هاري ڪم ڪندڙن کي هن جو مطالع غور سان ڪرڻ گهرجي.

هاري، اسانجي قومي هل چل جي پشت پناه ۽ پنهنجي طبقاتي خاصيتن (Class Characteristic) سبب، **ڌاري راڄ جو** قدرتي دشمن آهي. هاري ۽ مزدور جو ميلاپ ئي آزادي جو هڪ ئي ذريعو آهي. ڪامريڊ نظاماڻي انهيءَ خيال کان هاري ۽ کي، هن چوپڙي ۾، ڪم ڪندڙن جي سامهون رکيو آهي. هاري تحريڪ جو مقصد هاري ۽ ۾ طبقاتي جذبو جاڳائي، کيس ٻين مظلوم طبقن مثلاً مزدور ۽ ننڍن ڪاسبي دارن سان ملائي آزادي جي لڙائي ۽ انقلاب جي جدوجهد جو هڪ باڪار ۽ ڪامياب سپاهي بڻائڻو آهي.

انهيءَ ئي مقصد جي حاصلات لاءِ (۽ ڪيئن هاري قومي پارٽي ۾ پنهنجي پوري جاءِ وٺي) هاري هلچل ساري هندستان ۾ هلائي وڃي ٿي. جي اهو مقصد ڪم ڪندڙن جي مغز ۾ آهي ۽ تنهن ”هاري-هاري ۽“

ٻڪار ٻو و ٻو يا انهي ۽ تحريڪ کي غلط ۽ ٻي جا
استعمال ڪيو ويو ته اهڙي بيداري ڪان اها نڌي سؤ
پيرا بهتر جا فائدو نه ٿي پهچائي ته نقصان ٻه نه
ٿي ڏي.

هاري تحريڪ هڪ انقلابي تحريڪ آهي.

جيڪڏهن ڪو به فرقه پرست ۽ رجعت پسند "هاري"
پڪاري ٿو يا ڪا اهڙي سڀا ٺهي ٿي جا انقلابي نه
آهي رڳو هارين کي ڏمرد لاسن ڏيڻ سان ۽ اهڙين
لاهڻ سان خوش ڪرڻي ته اها روش نه فقط هارين
سان ٻلڪ ملڪ ۽ قوم سان غداري آهي.

تنهن ڪانسواءِ هاري تحريڪ مقامي تحريڪ نه
آهي. سنڌ جي جدا جدا پاڱن ۾ هارين ڏي آئي
ڏينهن آفتون پيون اچن ۽ هر ضلع ۽ تعلقه مان
پڪارون پيون پون. ڪي جوشيلا جوان هارين جي
امداد پيا ڪن. پر اها امداد نه ديرپا آهي ۽ نه
هاري تحريڪ جي اصولن موجب آهي. سنڌ جو
هاري هڪ جدا قوم آهي. انهن جي قومي جماعت
سنڌ هاري ڪميٽي آهي جا آل انڊيا (سڄي هندستان)
ڪسان سڀا جي هڪ شاخ آهي.

ڪي به پنڌرهن ماڻهو هڪ آنو سالانو چندو
ڏيڻي هاري فارم تي صحي ڪري هاري ڪميٽي ٺاهي
سگهن ٿا. انهيءَ هڪ آني مان ٽي پيسا وٽن رهندا ۽
هڪ پيسو هو سنڌ جي هاري ڪميٽي کي ڏياري
موڪليندا.

سنڌ جي سڀني همدردن کي سنڌ هاري ڪميٽي سان پاڻ ملائي پنهنجي تحريڪ کي زور وٺائڻ گهرجي ته اهڙي طرح سنڌ ۾ سچي انقلابي هل چل جو پايو وڌو وڃي .

محمد امين کوسو

پريزيڊنٽ ، سنڌ هاري ڪميٽي .


هارين جي ٻڌي ئي هارين جي سڀني مصيبتن جو علاج آهي.

سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ هاري ڪاميٽيون ٺاهيو.

سنڌ جي هر حصي مان هارين ۽ ننڍن زميندارن مٿان حڪومت، زمينداري ۽ شاهوڪاري ظلمن جون دردناڪ پڪارون پيون اچن. ڪو به ضلعو يا تعلقو اهڙو ڪونه آهي، جتي هاريءَ سان بي رحميءَ جو ورتاءُ نه ڪيو ويندو هجي.

اهڙين ظلمن ۽ ڏاڍاين جي برخلاف ڇڙو ڇڙ آواز به اٿاريا ويا آهن ڪٿي ڪٿي اهي آواز اٿاريندڙ ماڻهو سچا، هڏ ڏوکي ۽ همدرد آهن ۽ ڪٿي ڪٿي هاري قوم جا دشمن، ٺڳ، دولابي ۽ دوکو ڏيندڙ آهن. اهي ٻئي قسم، همدردن جا، هاري مقصد لاءِ نقصانڪار آهن. پهريون قسم انهيءَ ڪري جو جيتوڻيڪ هن ۾ همدردي آهي، خيال سنڌا انس ۾ هو هاري کي هڪ ”بيوس“، ۽ ”مظلوم“ ۽ رڳو ”ستايل“ سمجهي ٿو ۽ ٻيون ان ڪري جو هن جو مقصد ئي هاري کي دوکو ڏيئي پنهنجو مطلب ڪڍڻو آهي.


پهريان هاري ڪم ڪندڙ




جمشيد



غلام مرتضيٰ شاه



شيخ عبدالمجيد




پير الاهي بخش

سنڌ جا پهريان هاري اڳوان آهن هنن ۾ جيٺمل پرسرام صاحب جو فوٽو به هئڻ ڪپندو هو جو هنن نه ڪري سگهيا آهيون، جو صاحب به هن پهرئين جٿي مان آهي. هاريءَ تي هنن کي سندس دردناڪ حالت ڏسي رحم آيو ۽ هنن صاحبن هاري جماعت به ناهي جا پنهنجي قدرتي خامين ڪري گهڻو جٽاءُ نه ڪري سگهي جنهنجو احوال "سنڌ هاري هل چل" واري مضمون ۾ ڏنل آهي.



ٻي هاري ڪانفرنس جا ١ ڊسمبر ١٩٣٨ع تي. ٽنڊي جام ۾ رفيق محمد امين جي صدارت هيٺ ٿي.



رفيق محمد امين کوسو- ايم- ايل- اي


پريزيڊنٽ سنڌ هاري ڪاميٽي




رفيق گوپال سپاهيملاڻي
سيڪريٽري سنڌ هاري ڪاميٽي



رفيق عبدالقادر
آرگنائيزنگ سيڪريٽري
سنڌ هاري ڪاميٽي



رفيق نور محمد پليجو
مکيه هاري ڪم ڪندڙ



هن چوپڙيءَ جو
تيار ڪندڙ

حقيقت ۾ هاري کي سواءِ رهڻ جي ڪا به شيءِ ڪانه آهي. هاري ۽ مزدور ملڪ جو سڀ کان طاقتور ۽ انقلابي جزو ۽ عنصر آهي. هاري هڪ وڏي سياسي طاقت، حڪومت کي الٽ پلٽ ۽ هيٺ مٿي ڪندڙ فوج آهي. پر اها فوج پنهنجي فوجي زور ۽ خاص جنگي ۽ انقلابي ڪم کان اڻ خبر آهي. اها انقلابي طاقت هن جي طبقاتي حس کي ۽ هن جي هاري پڻي جي جذبي کي پڙڪائڻ سان ئي هٿ ايندي. هاريءَ کي هاري طبقي جي هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ سڃاڻپ ڪرڻ گهرجي. هارين ۾ اها ڄاڻ ۽ پروڙ پيدا ٿئي ته هو جدا طبقو آهن ۽ جدا فرقو آهن. هنن کي هاڻوڪي سرمايه دارانه سرشتي ۽ نظام ۾ جيڪڏهن جيئرو رهڻو آهي ته هو پنهنجي اصلوڪي جاءِ وٺڻ جا سرمايه داري، زميندار ي ۽ انگريز شاهي جي ڪڏيل نظام ۽ طاقت جي مقابلي جي جاءِ آهي. هارين جي اها طاقت هارين جي پنهنجين ڌرين ۽ جماعتن ٺاهڻ جي ذريع منجهان پيدا ٿي سگهي ٿي.

هارين جون ڌريون زميندار ي ۽ انگريز شاهي جي ظلمن کي اکيڙڻ لاءِ پهريون صحي قدم آهن. پر جي وقتي فائدن ۽ وقتي ڳالهين تي گهڻو زور ڏبو ته اهي ڌريون ناڪامياب ٿينديون. اهي ڌريون ڪڏهن ڏيهي گهر ڪنهن وقتي شيءِ جي حاصل ڪرڻ جو ذريع ڏٺو اهيءَ ڪري ٻڌائجن ٿيون ته

جيئن هارين کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ اچي. هو
پنهنجي حقن لاءِ پاڻ لڙڻ سکن ۽ ڄاڻن ته هو ٻڌي
ڪري زميداري ظلمن کي منهن ڏيئي سگهن ٿا.
ياد رکڻ گهرجي ته اسانجي ملڪي مسئلن جو صحي
ڇوٽڪارو تڏهين ٿيندو، جڏهين اسانجو هاري، انگريز
شاهي زنجيرن کي ٽوڙڻ جو آواز ڪندو. انهنڪري
هاري نه فقط هاري آهي، بلڪ ملڪ جو وڏو ۽
حقيقي آزاد ڪندڙ سپاهي آهي. هاري ۽ مزدور
جي بيداري تي ملڪ جي ڇٽيهه ڪروڙ انسانن جي
نجات ۽ ڇوٽڪاري جو دارومدار آهي. انهنڪري
هاري ٻڌيون، ظاهري طرح جيتوڻيڪ معمولي ڳالهين
۾ مصروف ٿيون پر حقيقت ۾ اهي ملڪي آزادي
۽ آئنده جي انقلاب جا اڏا آهن. هاري ڪميٽيون

برٽش شهنشاهت جي خلاف لڙندڙ اسانجي قومي سپاهين جون خندقون آهن.

اهي انقلابي اڏا ۽ قومي سپاهين جون خندقون
جي اسين تيار ڪرڻ گهرون ٿا ته پوءِ هاري ٻڌين
جي ڪم کي، ڀلائي ۽ الغرضائي کان نه ڏسجي ۽ نه
انهنکي معمولي ڪم سمجهڻ گهرجي. هارين کي
اوڌه ۾ رکي سندن دولت هٿ ڪندڙ سرمايه دار
زميندار، ملن ۽ پيرن جي ڇنبي مان پڻ هارين کي
آزاد ڪرائڻو آهي، جي هارين جي انقلابي تحريڪ
جي آڏو اچي رهيا آهن. ملن ۽ پيرن مان مراد
اهي ملان ۽ پير آهن جي انگريز ۽ انهي خادم

سرمايه دار جا ايجنٽ آهن نه اهي ملان ۽ پير جي
هارين مان آهن ۽ هارين جا رفيق ۽ سنڌن ٽپون
ٿاهيندڙ آهن. جڏهين هاري هلچل صحيح رستي
تي هلڻ لڳندي ته سرمايه دارن لاءِ قيامت ٿي ويندي آهي ۽
سندن هاءِ گهوڙا آسمان تائين پهچندي هوندي آهي. وٽن
(سرمايه دارن ۽ زميندارن وٽ) اخبارون آهن،
پاڙي تي لڪيرون ڪندڙ ماڻهو گڏ ڪري سگهن ٿا
جي چوندا وتندا ته "مسلمان زميندار" خطري ۾
يا "هندو زميندار" خطري ۾ آ پر هنن کي معلوم
هئڻ گهرجي ته جي زميندارِي، سرمايه داري يا
سندن ساري انگريزي حڪومت ٿي برباد ٿي وڃي
ته عام مسلمانن يا عام هندن کي سواءِ انهيءَ ڪو به
نقصان ڪونه آهي. جو هو پنهنجي پگهر جي پورهئي
جا پاڻ مالڪ ٿي سکيو ٽڪر حاصل ڪري بهتر
وقت گذاري سگهندا جيڪو پورهيو هي غير زميندارن ۽
سرمايه دارن جي عياشين تي، انگريزي حڪومت جي
مدد سان، لٽجي رهيو آهي. زميندارن جون انجمنون
سڄي سنڌ ۾ ڪم پيون ڪن. هر تعلقي ۽ هر ضلع
۾ هندو مسلمان زميندار انجمنون ٺاهي پنهنجي حقن
لاءِ هندو ۽ مسلمان جا گڏيل وفد سرڪار وٽ پيا
موڪلين ته "هندن" ۽ "مسلمانن" کي ڪو
خطرو ڪونه، پر جي هاري سون سالن
جي اگهور ننڊ مان اٿي صدين جي ظلمي زنجيرن
کي ٽوڙڻ لاءِ همت ڀري هلائي ۽ ٻين هارين کي مدد ۽

واهر لاءِ ڳالهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هڪدم خطري جا گهنڊ گهڙيال ، ۽ ڍول نقارا وڄي وڃن .

جڏهانڪر سنڌ اسيمبليءَ ۾ هارين جو هڪ نمائندو ، ٿورو ڪي گهڻو ، زميندارِي ظلم جي اُگهاڙ ڪرڻ لڳو آهي تڏهانڪر ته زميندارن اهو پنهنجو شيوو بڻائي ڇڏيو آهي جو چون ته هارين کين قري ، نيست نابود ۽ چٽ ڪري ڇڏيو آهي . سنڌ اسيمبليءَ جي زميندار ميمبرن مان هڪ ٻه اهڙو ڪونه آهي جو ائين نه چوي ته هو مظلوم آهي ۽ هارين مٿس ظلم ڪيا آهن .

نئين واهو نڪر پهتو ته اسيمبليءَ ۾ جڏهن هاري پاران ڪا دانهن ڪئي وڃي ٿي ته زميندارِي پيڙهن تان سو آواز اٿن ٿا ته " اسان کي هاري جي ظلمن کان بچايو . اسين زميندار ، هندو توڙي مسلمان هارين جي ظلمن کان تباهه ٿي چڪا آهيون " ۽ فقط ايترو پر زميندارن منظم ۽ باقاعدي سازشون ۽ منصوبا ڪري هاري تحريڪ کي دٻائڻ جا پورا سانباها ڪيا آهن .

ٻئي جاءِ ۽ الهي پسگردائيءَ ۾ جو ڪي قدر ، هاري هڪم ڪندڙ نوجوانن جي جفاڪشي سبب ، هارين ۾ جنگي روح پيدا ٿي چڪو آهي ته انهي جي جاگيردارن جي ننڊ آرام ڦٽي ويا آهن ۽ هنن زميندارن اهي سڀ هٿيار هلايا جي کين هلائڻ کپندا آهن ۽ هندو اسيمبلي ميمبرن وٽ وڃي

جاگيردار ۽ هندو زميندار وڃن ته اُئي چون ته اسين
هندو زميندار آهيون، تنهنڪري هاري ڪم ڪندڙ
مسلمانن کي اسان جي برخلاف ڀڙڪائين ٿا
وري مسلمان وڏيرا ميمبرن ۽ مسلمان اخبارن وٽ پڪارين
ته هي هاري ڪم ڪندڙ ڪانگريس جا چاڙتا آهن
اسان مسلمانن جي جاگيرن کي نقصان پهچائين ٿا. وري
ڪانگريس وٽ وفد ٿا هي وڃن ته هاري ڪم
ڪندڙ ڪانگريس جا دشمن آهن جو ماڻهن کي سچ
۽ اهنسا جي برخلاف واعظ ۽ پرپوڊ ٿا ڪن ۽
سرڪاري ڪامورن کي عريضيون ڪن ته هاري هل
چل کي نه روڪيو ويو ته انگريزي راڄ جي برخلاف
سنڌ ۾ زبردست فوج تيار ٿي ويندي.

سڀ کان وڌيڪ روح کي تڪليف ڏيندڙ ۽
قلب کي ڪنبائيندڙ اها حرڪت آهي جا پاڻ کي
مسلمانن جا خيرخواهه سڏائيندڙ مسلم ليگي زميندار
ميمبر هارين جي سوالن تي وٺندا آهن. تازو ٿيندي
چام جي هڪ صوبيدار هاري عورتن جي عزت
آبرو جو ڪو خيال نه ڪري انهن کي سنگينن جي
اشاري سان گهرن کان ٻاهر ڪڍڻ جو نادرشاهي
حڪم ڏنو ۽ ان واقعي تي ملامت ڪرڻ لاءِ
رفيق محمد امين مهلي ۽ جي وٽ آندي ۽ وٽ
پيش ڪندي دل هلائيندڙ تقرير وسٽي سرڪار کي
پڌائي ڇڏيو ته توهانجي وزارت جي هن سوال تي
ڍهي پوي ته انکان وڌيڪ خوشي ۽ شادماني

جو ٻيو ڪهڙو موقعو ٿيندو، ته اهي جواب ۾ مسلم ليگي زميندارن جيڪي ٺڳيرون ڪيون سي نهايت شرم ڀريون جهڙيون آهن. هن سوال تي مسلمان، هندو ۽ سرڪاري ميمبر سڀ هڪراءِ هئا ته پوليس ئي ڏوهي ۽ غريب هاري ڏاڍايون سهندڙ آهن! اسيمبليءَ ۾ هي نظارو ڏسڻ وٽان هو. هڪ طرف هارين جو اڪيلو عيوضي رفيق محمد امين چٽي رهيو هو ته "آئون چاهيانٿو ته هن اسيمبليءَ تي هارين جو انقلابي ڳاڙهو جهنڊو چاڙهيان" ته ٻي طرف سڄو هندو ۽ مسلم زميندار جٿو هارين جي ظلمن جا داستان بيان ڪري پوليس جي پاڪدامني ڏيکاري رهيو سندن سڀ نفاق ۽ اختلاف دور ٿي ويا هئا جيڪي ته مسلم ليگي زميندار ۽ سرڪاري وڏيري جي واسطي مان نڪتو اهو ته هندو ڀاري جو پنهنج آلاپي رهيو هو. وڏيرن ۽ زميندارن کي اهو ياد نه رهيو ته ماڻهن جي اڳيان ڪين ڏوکي ڏيڻ لاءِ هو هميشه پاڻ کي مسلمانن جا خير خواهه ۽ اسلام جا سپاهي چوائيندا هئا ۽ غريب هاري به مسلمان آهن. ڪين "اسلام" ۽ "مسلمان" جا لفظ سراسر وسري ويا هئا ۽ هندو زميندارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي غريب ۽ مظلوم مسلمان هارين جي برخلاف جٿو ٺاهي بيٺا هئا.

سنڌ جا نوجوان رفيقو! زميندارن جي هنن مڪارين، چالاڪين ۽ ظلمن جو جواب توهان هن

وقت ٽائين ڇا ٿو آهي؟ ڇا توهين دشمن جي اهڙن شرمناڪ ڪاررواين جي مقابلي ۾ همت ٿي رکي خاموش ويٺا هوندا؟ ڇا توهين ملڪ جي آزادي جي علمبردار هاري جي دل دماغ ٽان جي صدين جا پردا آهن اهي نه لاهيندا؟

اٿو ۽ اٿي هاري ڪميٽيون ٺاهيو، پنهنجي دل ۾ انعام ڪريو ته زميندارن، فرقه پرستن، ملڪ ۽ قوم جي سڀني دشمنن جي منصوبن کي خاڪ ۾ ملائڻ واسطي توهين هاري جي همت ۾ انقلابي لعل جهنڊو ڏيئي ”انقلاب زنده باد“ جو سرمايه دارن جي دلين ۾ ڏهڪاءُ وجهندڙ شور بلند ڪرائيندا.

رفيقو! وقت آيو آهي مقابلي جو. وقت آيو آهي فوجي ۽ جنگي طاقت ٺاهڻ جو. وقت آيو آهي سنڌ مان غلامي ۽ سرمايه داري کي ڪڍڻ جو. ميدان ۾ نڪري پئو ۽ هارين جون ٽوليون ٺاهي سڄي سنڌ ۾ هاري ڪميٽيون ٺاهڻ جي ڪم کي زور شور سان اڳي وڌو.

انقلاب زنده باد سلطنت شاهي برباد

هاري حقدار هاري ڪاميٽي زنده باد

هاري ڪم ڪندڙن لاءِ هدايتون

سوامي سهجانند آل انڊيا ڪسان سڀا جي جنرل سيڪريٽري ۽ هندستان جي هارين جي اڳواڻ ڪم ڪندڙن لاءِ هيٺيون هدايتون ڪڍيون آهن. آل انڊيا ڪسان ڪانفرنس ۾ گهڻت ۾ گهڻن ڪي وڌي پاس ڪندي ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته اهي گهرون فقط هارين جي روزمره جي هلچلين کي سندن پنهنجي طبقي جي سنگٺا "هاري جماعت" جي رستي وڌائڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون. انڪري سڀني هندوستان جي ڪم ڪندڙ رفيقن کي هيٺيون هدايتون موڪلجن ٿيون جنهنجي رخ ۽ انداز ۾ هو پنهنجي پنهنجي اسرڳڻي جي حالتن انوسار پنهنجي عملي پاليسي تيار ڪن.

(۱) سڀ کان پهريائين هاري ڪم ڪندڙن کي سرڪار جي مقابلي ۾ هارين ۽ ننڍن زميندارن جي گهرن ۽ تڪليفن ۾ سندن مدد ڪرڻ گهرجي. جي گهڻو ڪري رعيتواري ڀاڱن ۾ فصل جي داڻ بعدي يا ڪمت جي باري ۾، زمين جي پلن جي معافي ۽ رد ڪرائڻ لاءِ، وقت سر پاڻيءَ جي پهچ ۽ واهن ۽ ڪڙين جي کاٽي ۽ مرمت وغيره جي باري ۾ ٿينديون آهن، هاري ڪم ڪندڙ رفيق کي هر واجبي نموني سان سرڪار تي زور آڻڻ گهرجي جيئن اهي سهوليتون عمل ۾ آنديون وڃن.

(٢) ڍلن وغيره جي وڌائڻ جي حالت ۾ هاري ڪم ڪندڙن کي گهرجي ته آمدني ۽ کيتي جي اپت ۽ نقصان وغيره جي باري ۾ سڀ انگ اکر ڪٺا ڪري لاڳاپي وارن عملدارن ۽ مقامي هاري سنگتن کي موڪلين ۽ زوردار پروپئگنڊا ڪري سرڪار کي نئين چونڊ مڙهڻ کان باز آڻين ۽ مٿس زور آڻين ته ڀاڻ موجوده ڍلن جي اوڄن ۾ تخفيف ڪئي وڃي.

(٣) جيئن ته اڄ ڪلهه اڳين جي گهٽ هٿ ڪري زمين جي ڍل ننڍن زميندارن لاءِ بلڪل موتمار ٿي پئي آهي، تنهنڪري کيتي ڪندڙن جي طرفان سرڪار تي زور آندو وڃي ته ڍلون وغيره گهٽايون وڃن. هارين کي سول پروسيجر ڪوڊ کان واقف ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجون ڍلون پنهنجي فصل جي قيمتن حاصل ڪرڻ تائين روڪي سگهن ۽ هو بنا ڪنهن به تڪليف ۽ ڪامورن جي دٻاءَ جي قسطون ڏئي سگهن.

(٤) ڏڪارن ۽ ٻوڏن جي وقتن ۾ هاري ڪم ڪندڙن کي جاچ ڪري هارين ۽ ننڍن زميندارن جون تڪليفون ۽ گهرجون ٻڌائڻ گهرجن ۽ هنن جي طرفان مطالبا تيار ڪري سرڪار کان بچاءُ گهرڻ گهرجي ۽ تقاويون، ڍلون، آبيانا وغيره ۽ انهن جون بقايائون موقوف ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(٥) ڳوٺن ۽ تعلقه هاري ڪاميٽين کي گهرجي ته ڍلن ۽ آبين وغيره جون جاچ ڪاميٽيون ويهارين

جي ٻوڪ جي طريقي، کوهن ۽ واهن جي خرچڻ جهنگلن ۽ چراگاهن وغيره جي باري ۾ خبر چار ڪني ڪن ۽ انهن مقامي اخبارن ۾ پروپئگينڊا ڪيو وڃي.

(٦) زمينداري پاڳن ۾ ڪم ڪندڙن کي زميندارن تي زور آڻڻ گهرجي ته هارين کي سرڪاري رعيتواري نموني تي ايراضي تي ٻوڪ لاءِ زمين ڏني وڃي، زميندارن جي زمين جي باقاعدي سروي ڪئي وڃي، ڪڙين ۽ واهن جي هميشه وقت سر مرمت ڪئي وڃي. ۽ باقاعدي هلچل هلائي واهن وغيره جي مرمت بنائڻ ۽ ايراضي جي گهٽ ڪرڻ لاءِ زوردار ڪوشش ڪرڻ گهرجي. انهيءَ هلچل هلائيندي Tenency law ۽ روينيو ڪوڊن وغيره جو باقاعدا فائدو ورتو وڃي ۽ زميندارن جي بي قاعدگين تي مٿن ڪورٽن ۾ ڪيس ڪيا وڃن. اسيمبلي ۽ سرڪار تي زور آندو وڃي ۽ عام رايو پيدا ڪيو وڃي، جيئن هو ڪابه بي قاعدگيءَ جي همت نه ڪن.

(٧) هارين کي ڇپيل فارمن تي صحيحون وجهڻ کان خبردار ڪيو وڃي جن ۾ ڳالهين ڪيترين بي قاعدي طلبون ڪيل آهن وڌيڪ زمين لکي وئي آهي يا پيا ڪيترائي ناجائز شرط پيل آهن.

(٨) زميندارن ۽ جاگيردارن جي بي قاعدي ڇڏين جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين قانوني ڪورٽن ۾

منهن لڳڻ گهرجي .

(٩) خاص زميندارن جي سيني هارين ۾ گڏيل سڙدي ۽ شرط شروط ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي ۽ ڪنهن به خاص قدم کڻڻ کان اڳ هارين جي عام ميڙن ۾ انهي تي ويچار ڪرڻ گهرجي .

(١٠) ٻنين ۾ پيدائش وٽن ، ڪاٺ ۽ گاهه جا حق ، ٻيلن ، چراگاهن ۽ عام ميدانن تي هارين جا حق تسليم ڪرايا وڃن ۽ انهن ٻنهي لاءِ لڳاتار ڪوشش ٿيڻ کپي .

(١١) جڏهين هارين جون گهرون قبول نه ٿين يا ڪين نه ڏنيو وڃي ته مقامي طرح فيصلو ڪري ڪين گڏيل قدم کڻڻ لاءِ همٿائڻ گهرجي .

(١٢) هر ڳوٺ ۾ جاچ ڪئي وڃي ۽ جتي ٻانهپ يا مفت وهنڊڙ هارين جو رواج هجي ته انهيءَ حالتن وغيره جي پوري جاچ لهي مٿين ڪاميٽين کي اطلاع ڏنو وڃي ۽ انهي خاتمي جي ڪوشش ڪئي وڃي .

(١٣) هارين جي زمين وٺڻ وقت هاري ڪم ڪندڙن کي ڏسڻ گهرجي ته هاري ڳري لاپي يا ابرني تي ته ڪونه ٿو زمين وٺي زمين وٺڻ لاءِ منهن چڙا پيٽيءَ کي روڪيو وڃي .

(١٤) جتي جتي هارين کي موروثي پوک جا حق نه هجن يا هارين ۽ زميندارن ۾ تڪرار هجن ته انهن زميندارن جي زمين نه ڪرڻ جي هارين کي

صلاح ڏيڻ گهرجي جيسين ٺاهه نه ٿيو آهي.

(١٥) ٻاهرين ٿي ڪم ڪندڙ مزدورن جي اجرتن ۽ ڪم جي حالتن جي هاري ڪم ڪندڙن کي جاچ ڪري انهن جي حالت هڙتال وغيره وسيلن سان بهتر بنائڻ گهرجي.

(١٦) هاري ڪم ڪندڙن کي گهرجي ته هارين جي ڪميل قرض لاءِ نظرداري ڪن سندن حساب چڪاسين ۽ هر طرح سندن وياجن گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪن.

(١٧) ڳرن وياجن وغيره جو ٿي سگهي ته هارين کي گڏيل مقابلو ڪرائڻ گهرجي جنهن جي ضرورت هجي ۽ ته ٿي سگهي ته مغرور ۽ بيپرواهه وياج خورن ۽ شاهوڪارن جو مجلسي بائيڪاٽ ڪرايو وڃي ۽ سندس دڪان کي پڻ بائيڪاٽ ڪيو وڃي جيئن هو ايڪ ٿي هلي.

قرضدار هارين کي هر ممڪن قانوني مدد ڏيڻ گهرجي جيئن هاري ظالم سود خور جي چنبي کان آزاد ٿي سگهي.

(١٨) ڳوٺن جي انهن دڪاندارن جا تورا ۽ ماپون چڪاسڻ گهرجن جنڪان هميشه هاري سودو وٺن ٿا.

(١٩) جيتري قدر ممڪن هجي سرڪاري نمونن تي فصلن جي پيداوار جي وڪري جو بندوبست ڪيو وڃي گڏ جي شين جا اگهه مقرر ڪرايا وڃن. شين جا اگهه هارين ۾ مشهور ڪيا وڃن ۽ ٿي سگهي

اناج جون مارڪيٽون ڪوآپريٽو نموني تي لڳايون وڃن .

(٣٠) واهن ، ڪڙين وغيره جي خرچن جي باري ۾ هنن ۾ گڏجي سرڪار وٽ احتجاج ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي ۽ انهن خرچن کي شين جي اڳهن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي . جتي پاڻي نه پهچندو هجي اتي جيتري قدر قانوني طرح ممڪن هجي ، انهن خرچن ڏيڻ کان انڪار ڪيو وڃي . ٻوڏن ، ڏڪار ، سوڪهن ، وغيره جي حالت ۾ انهن خرچن کي معاف ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي .

(٣١) غير رواجي حالتن کان سواءِ عام طرح جدا جدا ڳوٺن ۾ پاڻيءَ جي ورهاڱن ۽ ورچن جو ڪم ڳوٺن جي راڄ مهاڄڻ ڪاميٽين تي ڇڏيو وڃي ۽ انهن جا فيصلا قبوليا وڃن .

(٣٢) هر ممڪن طريقي سان آبدارن ، دارونغن ۽ سروين وغيره جي رشوتن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ، ۽ سندن بي واجب ۽ ظلمي حڪمن بابت جاچ ڪري انهن کي ليڪ ڪرائڻ گهرجي .

(٣٣) واهن ۽ ڪڙين تي ڪمپنين ۽ وڏن زميندارن جي مکيه ملڪيت يا حق هئڻ جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن تي پوکيندڙ هارين جا حق پروپيگنڊا وغيره جي ذريعي مڃائڻ گهرجن .

(٣٤) پيان ۾ هارين جا مفت چاري ، ڪاٺ ،

پڻ جي ڪاٺين ۽ گاھ جي استعمال جا حق حاصل ڪرڻ لاءِ هر طرح پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ٻڪن جي ٽين ڳهڻائڻ ۽ پيلي جي آفيسرن جي رشوتن وغيره خلاف زوردار تحريڪ ڪڙي ڪرڻ گهرجي.

(٢٥) رشوتن جو هر هنڌ مقابلو ڪرائڻ گهرجي چاهي ڪامورن جون هجن، يا زميندارن، ڪوآپريٽو سوسائٽين جون يا لوڪلبورڊ يا ٻئي ڪنهن به ڪاتي جون هجن.

(٢٦) هارين ۾ جاڳرتا آڻڻ لاءِ هارين جا مارچ يا گهمڻ ڪرائڻ تمام ضروري آهن ڪانفرنس لئي يا عملدارن وٽ پنهنجي احتجاج پيش ڪرائڻ لاءِ هارين جي چڱي انداز کي ڳوٺن مان گهمائيندو پنهنجي منزل مقصود تي لهڻ گهرجي جيئن منجهن طبقاتي بيداري پيدا ٿئي.

(٢٧) جتي جتي زرعي پيداوار جي اساري ۾ ڪارخانيدارن جي بچاءُ لاءِ خاص انتظام ڪيا وڃن تا، اتي انهن پيداوارن جي قيمتن جي مناسب مقرري تي زور ڏيڻ گهرجي. جيئن ڪپهه جا قسم وغيره

(٢٨) هر ممڪن ۽ مناسب ذريعن سان هارين تان شاهوڪارن ۽ زميندارن جو اثر ۽ دٻدٻو گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙيءَ طرح هر ڪنهن هاري ڪم ڪندڙن کي گهرجي ته زميندار ۽ جي مقابلي ۾ هاري ءَ کي مضبوط ڪري ۽ هارين جي زمين

ڏاڍن لڏائڻ سندن ضبطن وغيره جو مقابلو ڪري.

(٢٩) هر هاري ڪم ڪندڙ جو فرض آهي ته هارين جون بنيادي ۽ فوري گهرون هارين ۾ خوب مشهور ڪري ۽ ان مطلب لاءِ ڪيس هر ڪو جلسو استعمال ڪرڻ گهرجي.

(٣٠) هارين جي بيداريءَ کي هٿ ڪندڙ سندن مضبوط جماعت بنديءَ ۾ آڻڻ گهرجي ۽ ملڪ جي ڪم ڪندڙ ۾ سندن ڪاميابين جي جار و چائڻ گهرجي، جي ايندڙ آزادي ۽ مالي بهتريءَ جي جنگين ۾ اي بها اوزار ثابت ٿيندا يون.

(٣١) هاري ڪانفرنسن جي موقعن تي هارين جا ميلا، رانديون، زرعي پيدائش جي نمائش، انقلابي محفلن وغيره جو به انتظام ڪرائڻ گهرجي جئين منجهن سجاڳي ۽ ميل ميلاپ وڌي.

(٣٢) هارين جا ۽ قومي گيت وڏي پيماني تي جن ڳائڻ جو رواج وجهڻ گهرجن، جئين منجهن جنگي جذبو ۽ اتفاق جو جوش وڌائي سگهجي.

هارين جون فوري گهرون

ڪسان سڀا، جنهن جي سنڌ هاري ڪاميٽي هڪ شاخ آهي، انجو مکيه مقصد هيٺين ٺهراءَ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي جو مختصر طرح هتي ڏجي ٿو، اهو لکنو واري آل انڊيا ڪسان سڀا جي اجلاس ۾ پاس ڪيو ويو هو.

”ڪسان تحريڪ“ جو مقصد آهي هارين لاءِ مالي لٽ کان مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ ۽ سموري اقتصادي (آرٿڪ) ۽ سياسي يا راڄنيتي طاقت تي هارين، مزدورن ۽ ٻين مظلوم عام ماڻهن جو قبضو حاصل ڪرڻ.

”ڪسان هلچل جو اڳري مکيه ڪم آهي هارين جون ٻڌيون ٺاهڻ جيئن هنن جي وقتي راڄنيتي ۽ مالي گهرن لاءِ جدوجهد ڪندي کين هر قسم جي لٽ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي آخري جنگ لاءِ تيار ڪري سگهجي.

”ڪسان هلچل مڪمل آزاديءَ جي قومي جنگ ۾ ڀرو وٺي آخري طرح سموري سياسي ۽ مالي طاقت تي محنت ڪندڙ عام ماڻهن جو قبضو حاصل ڪرڻ گهري ٿي جي ئي سموري دولت جا اپائيندڙ آهن.“

انهيءَ مطلب لاءِ هارين جي طرفان هيٺيون فوري گهرون پيش ڪجن ٿيون. جنهن ۾ پرانتڪ ڪاميٽين کي پرڳڻي جي مقامي گهرن شامل ڪرڻ جو اختيار آهي.

(١) جيئن ته زميندار ي، تعلقداري، مالگذاري، استمرار داري، ڪرنيس، زميس ۽ انامدار جنهو زمين تي مالڪيءَ جو حق آهي ۽ انهي ٻو ڪڻ ۽ بي اندار ايرني خواهه بتائي حاصل ڪري سگهڻ جا حقدار آهن اهو هارين لاءِ هڪ نهايت ئي ٻيڙيندڙ بار ۽ ظلم آهي. تنهنڪري زمين جي مالڪيءَ جا اهي سڀ سرشتا بند ڪري انهن زمين تي سمورا حق پورهيت هارين کي ڏنا وڃن ۽ انهن هارين کان آمدنيءَ جي اندار تي ڪجهه ٻل ورتي وڃي.

(٢) زمين جي ٻلن جا سڀ طريقا رد ڪري فقط ٥٠٠ روپين کان مٿي آمدنيءَ تي ڏاڪي ب ڏاڪي ٻل ورتي وڃي.

(٣) جيئن ته هاري نهايت ڳرن قرضن هيٺ پيڙجي رهيا آهن ۽ ڪين ڳرا وياج ڀرڻا پون ٿا، تنهنڪري سندن سڀ پراڻا قرض ۽ انهن جا وياج هارين کي معاف ڪيا وڃن ۽ سندن قرضن جي ضرورت لاءِ سرڪار جي طرفان انتظام ڪرڻ گهرجي.

(٤) سيني بي زمين هارين ۽ انهن هارين کي جن کي ١٥ ايڪڙن کان گهٽ زمين آهي سرڪاري واندي پيل زمين ڪوآپريٽو طريقي تي پوک لاءِ ڏني وڃي.

هينيون گهٽ ۾ گهٽ گهرون هاري هر واجبي طريقي سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

(١) سيني ايرين ۽ بٽاين جون رهيل بقايائون رد

ڪيون وڃن ۽ نديون ڪاڻيدارن کي ٻين کان بلڪل آجو ڪيو وڃي.

(٢) پيچ جي ٻلن ۾ اڌ و اڌ تخفيف ڪئي وڃي. ڏڪر جي حالت ۾، هارين کان ورهيواري زمين جي اڳراٽي کان وڌ ڪا زميندارن کي ڪجهه به نه ملڻ گهرجي.

(٣) سڀني هارين کي مستقل هاريپ جو حق ملڻ گهرجي.

(٤) فصلن نه ٿيڻ جي حالت ۾ هارين کي اڳراٽين کان معافي ڏني وڃي. نه ڪين اڳاڙيو وڃي ۽ نه ڪي اهي ڪڏهن اڳوڻي کين ڏ ڀايو وڃي.

(٥) زميندارن ۽ شاهوڪارن جي آمدنيءَ ٽي موت ۽ ورثي جي ڏاڪي ۾ ڏاڪي ٻيل وڌي وڃي.

(٦) زميندارن ۽ جاگيردارن جون رسمي وصوليون بيگار ۽ ٻيون چٽيون قانوني طرح ڏوهه ٺهرايون وڃن.

(٧) سڀني زرعي قرضن جون وصوليون ٥ سال لاءِ قانوني روڪ بند ڪيون وڃن ۽ هارين جي قرضن جي، مور ۽ وياج بابت هڪدم جاچ ڪرائي وڃي.

(٨) قرضن، اڳراٽين، ٻلن ۽ ڍلن وغيره جي نه ڏئي سگهڻ جي حالت ۾ گرفتارين، قيد ۽ ٻين مصيبتن کان هارين کي آجو ڪيو وڃي.

(٩) هارين جي سڀني گهٽ ۾ ضروري گهرجن جي شين کي جهڙوڪ وٿاڻ، رهڻ جون جايون، گهرجون ضروري شيون کير وارو ۽ ٻيو ڍو ڍايو مال ضبطين کان آجو ڪيو وڃي.

(١٠) خانگي قرضن تي وياج ڪنهن به حالت ۾

٦ سيڪڙي کان مٿي نہ هجي ۽ گهڻي وياج ڏوهہ ٺهرايو ويو.

(١١) سيٺين وياج خورن لاءِ لائسنس وٺڻ جو قانون بنايو ويو.

(١٢) سرڪاري ۽ ڪو آپريٽو قرض جو هارين ۽ ننڍن ڪاشتڪارن لاءِ انتظام ڪيو ويو جنهن جو وياج ٥ سيڪڙي کان اصل مٿي نہ هجي ننڍن ڪاشتڪارن لاءِ زمين جي ضمانت تي سستي قرض ڏيڻ لاءِ خاص بئنڪون کوليون ويون.

(١٣) زرعي شين تي ريل جا ڀاڙا ۽ ٽرڪ ڪلاس جا ڀاڙا گهٽايا ويا درياهي ۽ خشڪيءَ جي رستي مال آڻڻ نيڻ جي طريقن کي وڌايو ۽ سڌاريو ويو.

(١٤) اڻ سڌن ٽيڪسن کي رد ڪيو ويو جهڙوڪ، لوڻ، گاسليٽ، کنڊ، تماڪ ۽ ماچيس جي ٻل.

(١٥) پئسي وارا پوسٽ ڪارڊ جاري ڪيا ويا.

(١٦) ڪاڌي جي شين جي چٽاڀٽي ۽ ڪشمڪش بند ڪرائي وئي.

(١٧) زرعي پيدائش جي قيمت قانوني طرح ١٩٢٣ جي اگهن جي بنياد تي ٻڌي وئي.

(١٨) هارين ۽ مزدورن جا حق پيلن جي پيدائش تي تسليم ڪيا ويا. بيڳاريءَ جون ڦيون رد ڪيون ويون. ڪارخانن وغيره جي ورهاڱي ۽ جاري جو انتظام گورنن جي چونڊيل راڄ مهاڄڻ کي

ڏنو وڃي.

(١٩) هارين ۽ ننڍن کاتيدارن کي هٿيارن رکڻ
جا لائيسنس ڏنا وڃن جيئن هو پنهنجي چوپائي مال
۽ فصل جو جهنگلي مرن کان بچاءُ ڪري سگهن.
اهڙن مرن مارڻ تي ڪنهن به قسم جي سزا نه ملڻ گهرجي.

(٢٠) هارين ۽ ننڍن کاتيدارن جي پٽن جو
قانون ٺاهي انهن جي محافظت ڪئي وڃي. انهن پٽن
جي رستي سندن گذريل قدم ڪٽڻ ۽ ٻين بيهاڪي
حقن جي حفاظت ڪئي وڃي.

(٢١) سيٺي ڪيٺي ڏيندڙ مزدورن سان
حادثن ۾ سهائتا جو قانون Compensation Act لاڳو
ڪيو وڃي ۽ ڪين گهٽ ۾ اجرت قانوني طرح
ڏياري وڃي.

(٢٢) پٽن ۽ ٽيڪس ڪي وري نئين سر اهڙي
طرح مڙهيو وڃي جيئن ٧٥ سيڪڙو پٽن وڏن
زميندارن ۽ ساهوڪارن کان پون ۽ عام جي ڀلي
جو خرچ اهڙي ريت وڌايو وڃي جيئن گهٽ ۾
گهٽ ٧٥ سيڪڙو هارين، مزدورن ۽ عام جي ڀلي
خرچ ٿئي.

(٢٣) کنڊ جي قيمت قانون رستي مقرر ڪئي وڃي،
جيئن غريب هارين کي Sugar Protection Act جو پورو
فائدو ملي سگهي ساڳيءَ طرح سڻي ۽ ناريل جو ملهه
پڻ مقرر ڪيو وڃي.

(٢٤) سرڪاري طرح سهڪاري Co-operative

مارڪيٽون قائم ڪيون وڃن جيئن ڪاشتڪارن لاءِ ۽ واپارين جي لٽ کان آجا ٿين واپارين ۽ دلالن جون خيرالي چٽيون هڪدم بند ڪري هارين جي جماعتن کي ڏنيون وڃن.

(٢٥) واهن جو پورو انتظام ڪيو وڃي جيئن ڪاشتڪار سوڪ ۽ ڏڪر جي مصيبتن کان آجا ٿين.

(٢٦) سنن ٻجن پوکائڻ ۽ کيتيءَ جي نون طريقن سيکارڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

(٢٧) ڳوٺن ۾ عام جون راڄ مهاڄڻيون قائم ڪيون وڃن جنکي انتظام ۽ پيچ ۽ پاڻين جي ورهاست وغيره جا اختيار ڏنا وڃن.

(٢٨) رشوتي ڪامورن جي ڪرتوتن پڌري ڪرڻ جو هاري جماعتن کي حق ڏنو وڃي.

(٢٩) سڀني بالغن کي ووٽ جو حق ڏنو وڃي.

(٣٠) هارين، مزدورن ۽ قومي هلچل خلاف دٻاءُ جا سڀ قاعدا هندوستان خواهه رياستن ۾ رد ڪيا وڃن ۽ سڀني هارين، مزدورن ۽ قومي هلچل جي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي. خواهه سزايافته هجن يا بي دريافت.

(٣١) سڀني زمين مان نڪتل هارين کي جنکي پنهنجي يا سياسي هلچلين ۾ شامل ٿيڻ يا موجوده بدحاليءَ ۾ ڏيلن ۽ ايرين نه ڏيڻي سگهڻ ڪري ڪڍيو ويو آهي واپس زمينون ڏنيون وڃن.

(٣٢) مفت ۽ لازمي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ تعليم، صحت ۽ دوائن جو انتظام ۽ گهرن ناهڻ جو ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جو سرڪار طرفان انتظام ڪيو وڃي.

سنڌ هاري ڪاميٽي جا قاعدا ۽ قانون

سنڌ هاري ڪميٽي جا سڄي هندوستان جي هارين جي جماعت "آل انڊيا ڪسان سڀا" جي شاخ آهي انها قاعدا قانون سنڌ ۾ ٻئي ساليانې اجلاس ۾ پاس ٿيل جو ١٩٣٨ جي ڊسمبر ۾ ٽنڊي ڄام ۾ ٿيو هو هيٺين طرح آهن :-

(١) نالو :- هن ڪاميٽيءَ جو نالو "سنڌ هاري ڪاميٽي" ٿيندو.

(٢) جهنڊو يا نشان :- هن ڪاميٽيءَ يا انهي سڀني شاخن جو جهنڊو، سڄي دنيا جي پورهيتن جو پيارو نيشان ڏاٽي ۽ هٿوڙي سان ڳاڙهو جهنڊو ٿيندو جو آل انڊيا ڪسان سڀا جو منظور ٿيل ۽ سڄي هندوستان لاءِ مقرر جهنڊو آهي.

(٣) حد :- ڪاميٽيءَ جي حد سڄي سنڌ خيرپور رياست سميت ٿيندي.

(٤) مقصد :- (الف) ڪاميٽيءَ جو مقصد آهي "هارين کي هر قسم جي لٽ کان آزاد ڪرائي، سموري گڏواني ۽ سياسي طاقت تي پورهيتن جو قبضو حاصل ڪري سندن حالت بهتر بنائڻ."

(ب) انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ ڪاميٽي هارين جون ٻڌيون سڀني روز مره جي گهرجن جي بنياد تي ٺاهيندي ته جيئن قومي آزاديءَ جي جد و جهد ۾ ٻين قومي طاقتن سان گڏجي هاري به انهيءَ حاصلات لاءِ ڪوشش ڪري سگهن.

(٥) ميمبري: هر ڪو به ماڻهو جيڪو ١٨ ورهين کان مٿي ڄمار جو هجي ۽ ڪميٽيءَ جي مقصد سان اتفاق ڪري سو ميمبريءَ جو فارم ڀري چندو ڏيڻ سان ميمبر ٿي سگهندو.

(ب) ڪو به ماڻهو ڪاميٽي جو ميمبر نه رهي سگهندو جي هو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح پنهنجو تعلق زميندارن، جاگيردارن يا شاهوڪارن جي جماعتي بهتري لاءِ کڙي ڪيل سنسٿائن سان رکندو هوندو.

(ت) ڪو به ماڻهو ڪاميٽيءَ جو ميمبر نه رهي سگهندو جي هو ڪاميٽيءَ جي مقصدن يا قاعدي خلاف ڪاروائي ڪندو هوندو.

(ث) ڪو به ماڻهو هڪ کان وڌيڪ بنيادي ڪاميٽين جو ميمبر نه رهي سگهندو.

(٦) سنڌ هاري ڪاميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي.

(الف) رواجي ميمبر (ب) ڳوٺ ۽ ضلع هاري ڪاميٽيون (ت) پراونشل هاري ڪائونسل (ث) پراونشل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي (ج) ضلع ۽ پراونشل هاري ڪانفرنسون.

ضلع ڪاميٽيءَ جا ميمبر بنيادي ڪاميٽين جا

چونڊيل عيوضي ٿيندا پراونشل ڪائونسل جا ميمبر ساليانيءَ ڪانفرنس جا چونڊيل ڊيليگيٽ ٿيندا جي پاڻمان ١٨ ڄڻن ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي چونڊيندا.

(٧) **ڪانفرنس.**- ساليانيءَ ڪانفرنس هر سال ٧ ۽ ٨ نومبر تي ٿيندي. خاص ڪانفرنس ڪنهن به وقت پراونشل ايگزيڪيوٽو سڏائي سگهندي.

ڪانفرنس لاءِ ڊيليگيٽ بنيادي ڪاميٽيون چونڊينديون.

هر بنيادي ڪاميٽيءَ کي ۾ گهٽ هڪ ڊيليگيٽ ٥٠ ميمبرن تائين ۽ رواجي طرح ١٠٠ ميمبرن تي هڪ ڊيليگيٽ چونڊڻ جو حق رهندو. وڌ ۾ وڌ ڏهن تائين.

(٨) جن ڪن ضلعن ۾ ١٩٣٩ ۽ ١٩٤٠ تائين اهڙيون ڪاميٽيون نه ٺهي سگهيون ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي اهڙن ضلعن مان ضلعي لاءِ ڊيليگيٽ ٺاهي سگهندي.

(٩) **ميمبري في.**- هر ڪا بنيادي ڪاميٽي پنهنجي ڪل ميمبريءَ جي چندي جي چوٿ پراونشل ڪاميٽيءَ کي موڪليندي باقيءَ مان اڌ ضلع ڪاميٽي ۽ اڌ بنيادي ڪاميٽيءَ ۾ رهندو.

(١٠) **حساب ڪتاب.**- سيڪريٽري هر سال آڊيٽرن کان پاس ڪرائي حساب ڪتاب پيش ڪندو.

(١١) ڪي به پندرهن ڄڻا هاري ڪاميٽيءَ جا ميمبر نئين بنيادي ڪاميٽي ٺاهي سگهندا.

بنيادي ڪاميٽي هر ڳوٺ يا ڪجهه ڳوٺن جي ٿيندي جا بنيادي ميمبرن تي مشتمل هوندي ۽

صوبائي ڪاميٽي جي پروگرام تي عمل ڪندي رهندي. ضلع ڪاميٽيءَ تي ٻه هندو عيوضي چونڊيندي.

ميمبريءَ جو چندو سال لاءِ هڪ آنو ٿيندو. ڪوبه ميمبر ووٽ جو حقدار نه ٿيندو جي گهٽ ۾ گهٽ مهينو اڳواٽ سندس نالو رجسٽر ۾ نه آيل هوندو.

(۱۲) قانون ۾ ڦيرڦار پراونشل ڪائونسل ڪري سگهي ٿي. جنهن لاءِ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي سفارش ڪندي، ڪائونسل جو ڪورم گهٽ ۾ گهٽ ۲۰ ڄڻن جو ٿيندو. مهمل ٿيل ميڙ لاءِ ڪورم جو ضرور ڪونه آهي.

پورهيتن جو گيت

رخ هوا جو آهه بدليل هوءَ طرف آ رڳڪو پيو !
پوءِ آ ظالمن پڙاڪن جو اڃا هيءُ زور ڇو ؟
جلد جاڳو ءِ غلامي جي زنجيرن کي ڪاٽيو !!
داهه مشڪل پوءِ آزادي غلامو ٿيو سجاڳ هاڻ ،
جاڳو جاڳو بدنصيبو ٻڪر جا قيد پو ٿيو سجاڳ هاڻ!!!
ٿيندي دنيا هاڻ قائم جلد نئين بنياد تي !
هاڻي ٿيندا سون سڀو ڪجهه ڪڇڙ هٿاسون جي اڳي!
هيءُ جهان آهي اسانجو هٿ پيرن جو ڇا وهي ؟
وقت آ جنگي اهي ويو پهلوانو ٿيو سجاڳ هاڻ !!
جاڳو جاڳو بدنصيبو ٻڪر جا قيد پو ٿيو سجاڳ هاڻ!!!

Printed by Mr. Jiandrai P. Wadhwani at the Azad Printig Press,
Frere Road Karachi, and Published by Mr. Kadur bux Nizamani
KARACHI